# ٻارن لاءِ بائبل
## تحفو

# دائود ريڍار چوڪرو هو



لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Ruth Klassen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



گهڻو وقت اڳ، اسرائيل جي بادشاهه سائول جي ڏينهن ۾، دائود نالي هڪ چوڪرو پنهنجي ستن ڀائرن کي پنهنجي پيءُ جي رڍن جي سنڀال ۾ مدد ڪندو هو. جيتوڻيڪ هو سڀني کان ننڍو هو، دائود هڪ مضبوط، بهادر چوڪرو هو جيڪو خُدا سان پيار ۽ ڀروسو ڪندو هو. هو بيت لحم جي شهر ۾ رهندو هو.



هڪ دفعي هڪ شينهن رڍ تي حملو ڪيو ته
جيئن ماني کائڻ لاءِ هڪ ڪسي وٺي. نوجوان
دائود حملي آور تي حملو ڪيو. هن رڍ
ءَ کي ڇڪي پري ڪري، پرندڙ
جانور کي ان جي ڏاڙهيءَ کان
پڪڙي ماري وڌو. دائود ڄاڻيندو هو
ته خُدا هن جي مدد ڪئي هئي.



3

سموئيل، خُدا جو نبي، اجا تائين اداس
هو ته سائول بادشاهه خُدا جي منصوبن
کي ڪيڏو بُري طريقي سان ناڪام
ڪيو هو. "ڪيستائين سائول لاءِ تون
ماتم ڪندين؟ خُدا سموئيل
کي ملامت ڪيو."



4

مان تو کي يسيءَ ڏانهن موڪليان ٿو، ڇاڪاڻ ته مون پنهنجي
لاءِ هن جي پٽن مان "هڪ بادشاهه جوچونڊ ڪيو آهي." يسيءَ
دائود جو پيءُ هو. ايستائين جو سموئيل کي خبر
هُيءَ ته سائول بادشاهه هن کي ڪو ٻِئي
بادشاهه گولڻ تي قتل ڪري سگهي ٿو .پر
نبي خُدا جو حڪم مڃيو.



5

جڏهن سموئيل پهتو، يسيءَ
پنهنجي ستن پٽن کي سموئيل
جي اڳيان گذريو. ۽ سموئيل
يسيءَ کي چيو ته "خُداوند
انهن کي نه چونديو آهي."
باقي صرف دائود رهجي
ويو هو، جيڪا سڀ کان ننڍو هو.
هُو رڍن سان گڏ ٻاهر هو. اهي
دائود کي اندر وٺي آيا. ۽ خُداوند
چيوي ٿو، اُٿ، انهي کي مسح
ڪر، ڇالاءِجو اهو ئي آهي.



6

سائول جي محل ۾، خُداوند جو روح سائول کان روانو ٿيو ۽
هو هڪڙو پريشان ماڻهو بڻجي ويو. هن جي نوڪرن سوچيو
ته سٺي موسيقي سائول جي ذهن
کي سڪون ڏئي سگهي ٿي.
انهن مان هڪ نوجوان کي
سڃاڻيدو هو، جيڪو
سُرن کي چڱي طرح
وڄائيندو هو. ڇا
توهان اندازو لڳائي
سگهو ٿا ته اهو
نوجوان ڪير هو؟
ها، دائود.



7

دائود جي موسيقي سائول کي آرام
ڪيو ۽ ڪيس سڌو سوچڻ ۾ مدد
ڪئي. سائول يسيءَ کان پڇيو ته
دائود کي بادشاهه جي خدمت ۾
رهڻ ڏيو. جڏهن به سائول کي
پريشاني يا خوف جو حملو هوندو
هو، دائود هن لاءِ بربط وڄائيندو
هو. انهي سان مدد ملندي هئي.



8

دائود گهر وچڙ کان پوءِ، سائول جي فلستين سان وڏي جنگ ٿِيءَ. دائود جا ڀائر ساؤل جي لشڪر ۾ وڙهندا هئا. يسيءَ دائود کي جنگ جي محاذ تي موڪليو ته هو پنهنجي ڀائرن کي ماني ڏئي اچيءِ اهو معلوم ڪري ته اهي ڪيئن آهن.



9

هڪ وڏو فلستي ديو قامت، جالوت سڀني سرائيلي سپاهن کي خوف ذدهه ڪري ڇڏيو هو.



10

"پنهنجي لاءِ هڪ ماڻهو چونڊيو، ۽ هن کي مون وٽ اچڻ ڏيو!" جالوت رڙ ڪئي. "جيڪڏهن هو مون سان وڙهي ۽ مون کي ماري ڇڏي ته پوءِ اسين تنهنجا خادم ٿينداسين، پر جيڪڏهن مان هن کي ماري ڇڏيان ته تون اسان جو خادم ٿي اسان جي خدمت ڪندين." بني اسرائيل جا سڀ ماڻهو، جڏهن هن ديوتائن کي ڏٺائون، تڏهن ڪانئس ڀڄي ويا ۽ ڏاڍا ڊڄي ويا.



11

تڏهن دائود سائول کي چيو ته "هن جي ڪري ڪنهن به ماڻهوءَ جي دل نه گهبراي، تنهنجو نوڪر وڃي هن فلستيني سان وڙهندو." سائول دائود کي هٿيار پائڻ ۽ تلوار ڪڻڻ جو چاهيو. پران جي بدران، دائود پنهنجي ڪانپاٽي ورتي ۽ نديءَ مان پنج سڪل پٿر ڪيا.



12

جالوت ڪلڻ لڳو جڏهن هن ڏٺو ته نوجوان دائود کي هٿيار به نه هئا. "مان توهان جو گوشت هوا جي پکين ۽ ميدان جي جانورن کي ڏيندس!" هن رڙ ڪئي.

"مان توهان وٽ خُدا جي نالي تي آيو آهيان!" دائود جواب ڏنو. "اڄ ڏينهن رب توهان کي منهنجي هٿن ۾ پهچائي ڇڏيندو ... ڇو ته جنگ خُداوند جي آهي!"



13

پوءِ دائود سڌوجالوت ڏانهن ڊوڙيو. جيئن ئي هُو ڊوڙندو ويو، ته هن هڪ پٿر پنهنجي ڪانپاٽي مان ڪڍيو - جيڪاجالوت جي پيشانيءَ تي لڳو. جالوت ڪري پيو!



14

دائود جلدي جلدي جالوت جي وڏي تلوار کي ڪڍيو ۽ سندس
سسي وڍي ڌار ڪيائينس. جڏهن فلستينن جالوت کي مئل ڏٺو،
اهي پنهنجن جانن لاء ڀڄي ويا.



15

بادشاهه سائول کي ياد نه هو ته هي اهو ئي دائود هو جنهن هن
کي بربط سان آرام ڏيندو هو. هن دائود کي پنهنجي فوج جو
سپه سالار ڪيو - پوءِ حاسد ٿيو جڏهن
ماڻهن دائود جي فتوحات کي ساراهيو.
"هاڻي هن وٽ بادشاهي کان سواءِ ٻيو
ڇا ملڻ رهجي ويو آهي؟" سائول
سوچيو. تنهنڪري سائول انهيءَ ڏينهن
کان وٺي دائود کي
اک ۾ رکيو.



16

وري بادشاهه سائول جو ذهن پريشان ٿي ويو. تنهن ڪري
دائود کيس ڪوشش ڪرڻ ۽ آرام ڪرڻ لاء سازوڇائڻ لڳو.
ٿي دفعا سائول دائود تي سندس نيزو اڇلايو. پر دائود هر ڀيري
ڀڄي ويو. سائول دائود کان ٻڇڻ لڳو
هو، ڇاڪاڻ ته
هو ڄاڻي ٿو ته
خُداوند ساڻس گڏ آهي، پر سائول کان پري ٿي چڪو هو.



17

پر يونتن، سائول جو پٽ، دائود کي پاڻُ وانگر
پيار ڪندو هو. "منهنجو پيءُ سائول توکي مارڻ
چاهي ٿو،" هن دائود کي خبردار ڪيو. سو دائود
بچي ويو. هن جي زال پنهنجي بستري تي هڪ
وياڻو رکي، ۽ دائود کي رات جي وچ ۾
دري مان هيٺ لاهي ڇڏيو. جڏهن
سائول جا ماڻهو صبح جو آيا ته
دائود هليو ويو هو.



18

دائود کي سائول کان پري ڀڄي وڃڻو پيو. هن کان اڳ، هن ۽
يونتن گڏجي هڪ عهد ڪيو. انهن واعدو ڪيو ته اهي هميشه
هڪ ٻئي جي مدد ڪندا. افسوس سان ٻنهي دوستن هڪ ٻئي کي
الوداع چيو. دائود هڪ اهڙي جاءِ ڳولڻ لاءِ روانو ٿيو جتي
هو سائول جي سپاهين
جي خوف کان
بغير رهي سگهي.



19

دائود ريدار چوڪرو هو

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

١ سيموئيل ١٦ ـ ٢٠

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

20




19 60



هيء ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيڪاريندي آهي جهين اسانڪي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان ڪي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٹ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۦ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاء مري ويوۦ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.